# ڪوڙ جون تباھ ڪاريون

هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سنتن ڀريو بيان



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪوڙ جون تباهه ڪاريون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

حضرت عبدالله بن سَلام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي پاءُ حضرت عُثمان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سان ملاقات ڪرڻ ويا تہ اهي ڏاڍا خوش پئي نظر آيا ۽ چوڻ لڳا: مون اڄ رات خواب ۾ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ديدار ڪيو، پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي هڪ ڏول (يعني ٿانوَ) عطا فرمايو جنهن ۾ پاڻي هو، مون پيٽ ڀري پيتو جنهن جي ٿڌاڻ هن وقت تائين محسوس ڪري رهيو آهيان، انهن پڇيو: اوهان کي اهو مرتبو ڪيئن مليو؟ جواب ڏنو: نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان دُرود پاڪ پڙهڻ جي ڪري. (سعادة الدارين ص 149، ڪوڙو چور 1)



www.dawateislami.net

دِیدار کی بِھیک کب بٹے گی؟
منگتا ہے اُمیدوار آقا!
(ذوقِ نعت،ص:۴۶)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

ٻه مدني گُل: (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي بين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُنڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

1......(المعجم الكبير،للطبراني ج 6، ص 185، الحديث: 5942)



www.dawateislami.net

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون بہ نِيّت ڪريان تو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِا لْحِكْمَةِ وَ الْمَوْ عِظَةِ الْحَسَنَةِ

"ترجمو ڪنزالايمان: پنھنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان" ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي ھن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة يعني "منھنجي طرفان پھچايو جيتوڻيڪ ھڪ ئي آيت ھجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙھڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالھائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنھنجي علميت جو ڌاڪو ويھارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالھائڻ کان بچندس ❁ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺھڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بٽائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاھون جھڪائي رکندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪوڙ ڳالھائڻ ڇڏي ڏيو!

ھڪ شَخص سرڪارِنامدار، پنھي جھانن جي مالِڪ و مُختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خِدمت ۾ حاضِر ٿيو ۽ عَرض ڪيائين: آئون توھان تي



www.dawateislami.net

اِيمان آڻڻ چاھيان ٿو پر آئون شَراب نَوشي، بَدڪاري، چوري ۽ ڪوڙ سان مَحَبَّت رکندو آھيان ۽ ماڻھو ھي چون ٿا تہ توھان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انھن شين کي حَرام قرار ڏيو ٿا، جڏھن تہ منھنجي اندر ۾ اِنھن سڀني شين جي تَرڪ ڪرڻ جي طاقت ناھي، جيڪڏھن اوھان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ھن ڳالھ تي راضي ٿيو تہ آئون اِنھن مان ڪنھن ھڪ شيء کي تَرڪ ڪري ڇڏيان تہ مان اوھان تي اِيمان آڻڻ جي لاءِ تيار آھيان. نبي رحمت، مالڪ ڪوثر و جنّت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: تون ڪوڙ ڳالھائڻ ڇڏي ڏي! اُن شخص اِن ڳالھ کي قبول ڪري ورتو ۽ مُسَلمان ٿي ويو، جڏھن اھو نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ حاضر ٿيو تہ اُن کي شراب پيش ڪيو ويو، اُن سوچيو جيڪڏھن مون شراب پي ورتو ۽ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن مون کان شراب پيئڻ جي مُتَعلِّق پُڇيو ۽ مون ڪوڙ ڳالھايو تہ عَھد شِڪني ٿيندي ۽ جيڪڏھن آئون سچ ڳالھائيندس تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون تي حَد (سزا) قائم ڪندا، ھي سوچي ڪري اُن شراب کي تَرڪ ڪري ڇڏيو، پوءِ اُن شخص کي بَدڪاري ڪرڻ جو موقعو مُيسَّر آيو تہ اُن جي دل ۾ بيھر اھو ئي خَيال آيو، تنھنڪري اُن شخص اِن گناھ کي بہ تَرڪ ڪري ڇڏيو، اھڙي طرح چوري جو مُعامَلو ٿيو، پوءِ اھو شخص رسولِ اڪرم، نُورِمُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خِدمت ۾ حاضِر ٿيو ۽ چوڻ لڳو! يارَسُولَ اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! توھان تمام سٺو ڪيو جو مون کي ڪوڙ ڳالھائڻ کان روڪي ڇڏيو ۽ ان (سچ ڳالھائڻ واري عادت) مون تي تمام گناھن جا دروازا بند ڪري ڇڏيا، اِن ڪان پوءِ اھو شَخص تمام گناھن کان تائب ٿي ويو. (تفسير ڪبير،٦/١٦٨)



www.dawateislami.net

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو! جڏهن هڪ شَخص ڪوڙ ڇڏي سچ** ڳالهائڻ جو پُختو اِرادو ڪري ورتو تہ اهو ڪيترن ئي ڪبيره گناهن کان باز اچي ويو. معلوم ٿيو تہ **ڪوڙ** تمام گناهن جي جَڙ آهي. سيني بُرين عادتن ۾ سڀ کان بُري خَصلت آهي. **ڪوڙ** زبان سان ڳالهايو وڃي چاهي عمل مان ظاهِرڪيو وڃي هر صُورت ۾ قابلِ مَذَمَّت آهي. **ڪوڙ** جو مطلب هي آهي تہ حقيقت جي برعڪس ڪا ڳالهہ ڪئي وڃي. (حديقہ نديہ ،ج۲،ص ۴۰۰) يعني جيڪڏهن ڪنهن پُڇيو: توهان هفتيوار اجتِماع ۾ شرڪت ڪئي؟ ۽ جوابًا چيو: جي ها! (حالانڪہ شِرڪت نہ ڪئي) ۽ اهڙي طرح ڪنهن پڇيو ڇا توهان ماني ڪائي ورتي آهي؟ ۽ جوابًا چيو: جي ها! (حالانڪہ ماني نہ کاڌي هئي) تہ هي **ڪوڙ** ٿيو، ڇو جو واقِع (حقيقت) جي خِلاف آهي. **ڪوڙ** ڳالهائڻ ايتري بُري عادت آهي جو هر مذهب ۾ اِن کي بُرائي سمجهيو ويندو آهي، اسان جي پياري دينِ اسلام اِن کان بچڻ جي وڏي تاڪيد ڪئي آهي، **قرآنِ پاڪ** ڪيترن ئي جڳهن تي ان جي مَذَمَّت بَيان فرمائي ۽ **ڪوڙ** ڳالهائڻ وارن تي خُدا جي لَعنت بہ آهي.

## ڪوڙ۽ آياتِ ڪريم:

جيئن تہ سيپاري 17 سُوْرَۃُالْحَج آيت نمبر 30 ۾ اِرشاد ٿئي آهي.

وَاجْتَنِبُوْا قَوْلَ الزُّوْرِ ﴿۳۰﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ بچو ڪوڙي ڳالهہ کان.

سيپاري 14 سُوْرَۃُالنَّحل جي آيت نمبر 105 ۾ اِرشادِ باري تَعَالٰي آهي:



www.dawateislami.net

اِنَّمَا يَفْتَرِي الْكَذِبَ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ۚ وَ اُولٰٓىٕكَ هُمُ الْكٰذِبُوْنَ ﴿۱۰۵﴾
(سيپارو:۱۴، النحل:۱۰۵)

ترجمو ڪنزالايمان: ڪوڙو بُهتان اهو ئي گهڙيندا آهن جيڪي الله جي آيتن تي ايمان نٿا رکن ۽ اهي ئي ڪوڙا آهن.

صَدرُالاَفاضِل حضرتِ علّامہ مَولانا مُفتي سَيّد محمد نَعيمُ الدّين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: **ڪوڙ ڳالهائڻ** ۽ اِفتِرا ڪرڻ (بُهتان (الزام) لڳائڻ) بي اِيمانن جو ئي ڪم آهي . (خزائن العرفان، پاره:۱۴، النحل، تحت الآيہ: ۱۰۵) **اِمَامُ المُتَڪلّمِين،** حضرتِ علّامہ امام فَخرُالدّين محمد بن عُمررازي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: هي آيتِ ڪريمہ اِن ڳالهه جي قَوِي (مضبوط) دليل آهي تہ ڪوڙ تمام ڪبيره گناهن ۾ سڀ کان وڏو گناهه ۽ بَدتَرين بُرائي آهي، ڇو جو ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ ڪوڙا الزام لڳائڻ جي جُرأت (همت) اهو ئي شَخص ڪندو آهي، جنهن کي الله عَزَّوَجَلَّ جي نشانين تي يقين نہ هجي يا جيڪو شَخص غير مُسلِم هجي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪوڙ جي مَذمَّت ۾ ان طرح جو ڪلام فرمائڻ، نهايت ئي سخت تَنبيهه آهي. (التفسير الكبير:۲۷۲/۷، الجزءالعشرون،ملتقطاً)

نيڪيوں ميں دل لگے ہر دم بنا     عاملِ سُنَّت اے نانائے حُسین!
جُھوٹ سے بُغض و حَسد سے ہم بچیں     کیجئے رحمت اے نانائے حُسین!
(وسائلِ بخشش،ص:۲۵۸)

## ايمان ڪمزور ڪرڻ وارو مَرض:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اندازو لڳايو! **ڪوڙ ڳالهائڻ** واري جي قرآنِ پاڪ ۾ ڪهڙي مَذمَّت بَيان فرمائي وئي آهي. بار بار **ڪوڙ ڳالهائڻ** ايمان جي ڪمزوري تي دلالت ڪري ٿو ۽ ڪوڙي شَخص جي باطِني بگاڙ جو بہ سبب بڻجندو آهي، **ڪوڙ** هڪ اهڙو مَرض آهي جيڪو اِيمان کي ڪمزور ۽



www.dawateislami.net

بي نور ڪندو ويندو آهي. **ڪوڙ** جو مَرَض لاحِق ٿيڻ جو انداز بہ نِرالو ۽ غير مَحسُوس هوندو آهي، انسان هر پيري **ڪوڙ** ڳالهائيندي هي سوچيندو آهي تہ هڪ پيرو **ڪوڙ** ڳالهائڻ سان ڪهڙو وڏو نقصان ٿي ويندو. جڏهن تہ مُعاشَري ۾ بگاڙ عام طور تي **ڪوڙ** ڳالهائڻ جي سبب ڪان ئي ٿيندو آهي. **ڪوڙ** ڳالهائڻ وارو الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو ڪذّاب (تمام وڏو ڪوڙو) لکيو ويندو آهي ۽ جهنَّم ۾ داخِل ڪيو ويندو آهي.

## ڪوڙ ءِ احاديثِ مبارڪ:

اچو تہ اِنهي متعلق ٽي (3) فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهون.

1. سچ ڳالهائڻ نيڪي آهي ۽ نيڪي جَنَّت ۾ وٺي ويندي آهي ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ فِسق ۽ فُجُور آهي ۽ فِسق ۽ فُجُور (گناهہ) دوزخ ۾ وٺي ويندو آهي.
(صحيح مسلم،كتاب الادب،باب قبح الكذب ،الحديث:٢٦٠٧،ص:١٤٠٥،ملتقطاً)

2. بيشڪ سچائي نيڪي جي طرف وٺي ويندي آهي ۽ نيڪي جَنَّت جي طرف وٺي ويندي آهي ۽ بيشڪ ٻانهو سچ ڳالهائيندو ويندو آهي ايستائين جو الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو صِدّيق يعني تمام سچ ڳالهائڻ وارو ٿي ويندو آهي. جڏهن تہ **ڪوڙ** گناهہ جي طرف وٺي ويندو آهي ۽ گناهہ جهنَّم جي طرف وٺي ويندو آهي ۽ بي شڪ ٻانهو **ڪوڙ** ڳالهائيندو رهندو آهي،ايستائين جو الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو **ڪذّاب** يعني **تمام وڏو ڪوڙو** ٿي ويندو آهي. (بخارى ، كتاب الادب، باب قول اللّٰہ تعالیٰ، ١٢٥/٤، رقم:٦٠٩٤)

3. بارگاهِ رسالت ۾ هڪ شَخص حاضِر ٿي ڪري عَرض ڪيو: يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جهنَّم ۾ وٺي وڃڻ وارو عَمَل ڪهڙو آهي؟ فرمايائون: ڪوڙ ڳالهائڻ، جڏهن ٻانهو ڪوڙ ڳالهائيندو آهي تہ گناهہ



www.dawateislami.net

ڪندو آهي ۽ جڏهن گناهه ڪندو آهي ته ناشُڪري ڪندو آهي ۽ جڏهن ناشُڪري ڪندو آهي ته جهنّم ۾ داخِل ٿي ويندو آهي.

(المسندللامام احمد بن حنبل، مسند عبداللّٰہ ابن عمرو بن العاص، ۵۸۹/۲، رقم:۶۶۵۲)

ہائے نافرمانیاں بدکاریاں بے باکیاں
آہ! نامے میں گناہوں کی بڑی بھرمار ہے

زِندگی کی شام ڈھلتی جارہی ہے ہائے نفس!
گرم روز و شَب گناہوں کا ہی بس بازار ہے

(وسائلِ بخشش، ص:۴۷۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو ته! ڪوڙ ڪيتري قدر هَلاڪ ڪندڙ بيماري آهي. انسان جي لڳاتار ڪوڙ ڳالهائڻ جي سبب اهو الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو تمام وڏو ڪوڙو لکيو ويندو آهي. اسان مان ڪو هرگز هي نه چاهيندو ته ان جو نالو ٿاڻي (Police Station) ۾ مُجرِمن جي رَجِسٽر ۾ دَرج ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن ايئن ٿي وڃي ته سندس ڏينهن جو چين ۽ راتين جي ننڊ ۽ سُڪون برباد ٿي وڃي، غور ڪريو! جڏهن مُجرِمن جي فهرست ۾ پنهنجو نالو ڏسڻ ڪنهن کي پسند ناهي ته خُداءِ واحِد و قَهّار عَزَّوَجَلَّ جي آڏو جيڪڏهن ڪنهن جو نالو ڪوڙن جي فهرست ۾ لکيو وڃي ۽ مُسَلسَل **ڪوڙ ڳالهائڻ** جي سبب ان کي **ڪذّاب** يعني **تمام وڏو ڪوڙو** لکيو وڃي، هڪ مُسَلمان کي هي به پسند نه هئڻ گهرجي. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪنهن کي معلوم ٿي وڃي ته فُلان رستي تي وِڪ وِڪ تي خطرو آهي، ان رستي تي هلڻ سان جان ۽ مال جو نُقصان به ٿي سگهي ٿو، ته عَقلمند شَخص هميشه ان رستي وڃڻ کان بچندو رهندو، پر **افسوس!** اسان کي ته پنهنجي دنيا بهتر بڻائڻ جو فِڪر ته هر وقت رهندو آهي، پر اسان پنهنجي آخِرت سنوارڻ جي ڪوشش کان بلڪل غافِل آهيون، اسان هي به ڄاڻون ٿا ته



www.dawateislami.net

**ڪوڙ** جهنَّم جي طرف وٺي وڃڻ وارو هڪ خطرناڪ رستو آهي، پر اسان سمورن خطرن کي نظر انداز ڪندي وڏي تيزي سان ان رستي تي هلندا پيا وڃون، **افسوس صَد ڪروڙ افسوس!** هاڻي تہ ڪوڙ ڳالهائڻ وارن مَعَاذَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ڪوڙ کي بُرائي سمجهڻ ئي ڇڏي ڏنو. دُنيا ۾ ڪوڙ ڳالهائي ڪجهہ پئسن جو فائدو حاصل ڪرڻ وارن، ڪوڙن لطيفن جي ذريعي ٻين کي کِلائڻ وارن، ڪوڙا خواب ٻڌائي ڪري ٻين جي دِل بهلائڻ وارن، پنهنجي نالي سان گڏ ڪوڙا لقب لڳائي حُبِّ جاهہ (عزت ۽ شُهرت جي مَحبَّت) جو سامان تيار ڪرڻ وارا ياد رکن! تہ مرڻ کان پوءِ ڪوڙ جو عذاب هرگز هرگز برداشت نہ ٿي سگهندو. جيئن تہ

## ڪوڙي شخص کي ملڻ وارا عذابَ

نور جي پيڪر، سيني نبين جي سَرور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: خواب ۾ هڪ شخص مون وٽ آيو ۽ چيائين: هلو! مان ان سان گڏ هَليُس، مون ٻہ ماڻهو ڏٺا، انهن مان هڪ بيٺو ۽ ٻيو ويٺو هو، بيٺل شخص جي هٿ ۾ لوهہ جوزنبور[1] هو جنهن کي اهو ويٺل شخص جي هڪ جاڙيءَ ۾ وجهي ان کي ڪياڙيءَ تائين چيري ٻيو ڇڏي، پوءِ زنبور ڪڍي ٻي جاڙيءَ ۾ وجهي ان کي ٻيو چيري ، ايتري ۾ پهرين واري جاڙي پنهنجي اصلي حالت ۾ اچي پئي وڃي، مون آڻڻ واري شخص کان پڇيو اهو ڇا آهي؟ ان جواب ڏنو: اهو ڪوڙو شخص آهي ان کي قيامت تائين قبر ۾ اهو ئي عذاب ڏنو ويندو.

[1] يعني لوهہ جي سيخ جنهن جو هڪ پاسو مُڙيل هوندو آهي ـ



www.dawateislami.net

(مساوئ الاخلاق للخرائطی،باب ماجاء فی الکذب وقبح ماانی بہ اھلہ، ص: ۷۶،حدیث : ۱۳۱،ڪوڙو چور 12)

**مشهور بزرگ حضرتِ سِيّدُنا ابُوعبدُالرَّحمٰن حاتِم اَصَمّ بلخي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **فرمائن ٿا تہ اسان کي اها ڳالهہ پهتي آهي تہ: ”ڪوڙو“ دوزخ ۾ ڪُتّي جي شڪل ۾ بدلجي ويندو ۽ حَاسِد جهنّم ۾ سُوئر جي شڪل ۾ بدلجي ويندو. غيبت ڪرڻ وارو جَهنّم ۾ بَاندر جي شڪل ۾ بدلجي ويندو.**

(تنبيہ المغترين، ص: ۱۹۴، ازڪوڙوچور 9)

خَطاؤں کو میری مِٹا یاالٰہی!
مجھے نیک خَصلت بنا یاالٰہی!
مجھے غیبت و چُغلی و بدگمانی
کی آفات سے تُو بچا یاالٰہی!
زبان اور آنکھوں کا قُفلِ مدینہ
عطا ہو پئے مُصطَفٰے یاالٰہی!

(وسائلِ بخشش، ص:۱۰۰،۱۰۱)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن روايت ۾ جتي حَسَد جي مَذمُوم جَذبي ڪي دِل ۾ جڳهه ڏيڻ وارن ۽ ماڻهن جي غيبت ڪرڻ وارن جي لاءِ دَرسِ عِبرت آهي، اُتي ڪوڙ ڳالهائڻ وارن جي لاءِ بہ سبق مَوجود آهي. ڪوڙ ڳالهائي هن فاني دُنيا ۾ وَقتِي ڪاميابي حاصل ڪرڻ وارو خوشي مان نہ ٿو ماپي، پر قَبر ۽ آخِرت ۾ سِواءِ افسوس مان هٿ مَلڻ جي اِن وٽ ڪو ٻيو رستو نہ هوندو. ٿورو غور ڪريو! دُنيا ۾ ڏاٿ جو سُور نہ برداشت ڪرڻ وارو، آخِرت ۾ ٻاڙي ٻيرجڻ تي ٿيڻ واري تڪليف ڪيئن برداشت ڪري سگهندو؟ دُنيا ۾ هڪ مَڇر جو چَڪ لڳڻ تي بيقَرار ٿيڻ وارو، ڪوڙ ڳالهائڻ جي سبب قَبر ۾ ٿيڻ واري عذاب ڪي ڪهڙي طرح سَهي سگهندو؟ ۽ گهڻو ڪري**



www.dawateislami.net

ايئن بہ ٿيندو آهي تہ ڪوڙو شَخص پنهنجي ڪوڙ جي سبب هن دنيا ۾ ئي قهرِ الٰهي ۾ مُبتَلا ٿي ويندو آهي. جيئن تہ

## ڪوڙو چور

هڪ شخص پنهنجي چاچي جي پٽ (Cousin) جو مال چوري ڪري ورتو، مالڪ چور کي حرم پاڪ ۾ پڪڙي ورتو ۽ چيائين: اهو مال منهنجو آهي. چور چيو: توهان ڪوڙ ڳالهايو ٿا، ان شخص چيو: اهڙي ڳالهہ آهي تہ تون قسم کڻي ڏيکار! اهو ٻڌي ان چور (ڪعبي شريف جي سامهون) ”مقام ابراهيم“ جي پرسان بيهي قسم کنيو، اهو ڏسي مال جي مالڪ ”رڪن يماني“ ۽ ”مقام ابراهيم“ جي وچ ۾ بيهي دعا جي لاءِ هٿ کنيا، اجا اهو دعا گهري رهيو هو تہ چور چريو ٿي ويو ۽ اهو مڪي شريف ۾ هينئن رڙيون ڪرڻ لڳو: مون کي ڇا ٿي ويو! ۽ مال کي ڇا ٿي ويو! مال جي مالڪ کي ڇا ٿي ويو!! اها خبر الله تعاليٰ جي پياري نبي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏاڏي سڳوري حضرت عبدالمطلب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي پهتي تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ آيا ۽ اهو مال جمع ڪري جنهن جو هو ان شخص کي ڏئي ڇڏيائون ۽ اهو ان کي کڻي هليو ويو جڏهن تہ اهو چور چرين جيان (پڇندو ۽) رڙيون ڪندو رهيو ايستائين جو هڪ جبل تان ڪري مري ويو ۽ جنگهلي جانور ان کي کائي ويا.

(اَخۡبار مَكّة لِلاَزۡرَقی:۲/۲۶ مُلَخَّصًا)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ! چوري ڪرڻ، ڪوڙو قَسم کڻڻ ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ واري جو ڪهڙو عِبرَتناڪ انجام ٿيو. تنهنڪري اسان کي



www.dawateislami.net

بہ چوري ڪرڻ، ڪوڙا قسم کڻڻ ۽ خاص طور تي ڪوڙ جهڙي بَدترين گُناهہ کان بچڻ گهرجي. (ڪوڙو چور 3)

## مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو:

هر طرح جي گناهن کان خاص طور تي ڪوڙ کان بچڻ ۽ سچ جي عادت بنائڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو. ياد رکو! صحبت جو اثر ٿيندو آهي، تِر ڪي گلاب جي گل ۾ رکو تہ ان جي صحبت ۾ رهي گلابي ٿي ويندو. اهڙي طرح اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ۽ اُن جي پياري رَسُول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مهرباني سان تبليغِ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ وارو بي حيثيت پٿر بہ ”انمول هيرو“ بڻجي خوب جڳمڳائيندو آهي. (پردي جي باري ۾ سُوال جواب ص 109) اوهان بہ ڪوڙ، غيبت، چُغلي، فلمون ڊراما ڏسڻ ڏيکارڻ، گانا باجا ٻڌڻ، ٻڌائڻ جهڙين بُرين عادتن کان پنهنجي جان ڇڏائڻ چاهيون ٿا تہ هٿو هٿ ان مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي ڪري عملي طور تي **دعوتِ اسلامي** جي مدني ڪمن ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪندا رهو، عاشقانِ رسول جي مَدَني قافلن ۾ سُنَّتن جي تَرۡبيت جي لاءِ راهِ خدا ۾ سفر اِختِيار ڪريو، ڪامياب زِندگي گذارڻ ۽ پنهنجي آخِرت سنوارڻ جي لاءِ روزانو **فڪرِ مدينہ** ڪندي **مَدَني انعامات** جي رِسالي ۾ ڏنل خانا پري ڪري ذِميدار کي هر مَدَني مهيني جي 10 تاريخ جو اِنتظار ڪرڻ جي بغير پهرين تاريخ تي ئي جَمع ڪرائڻ جو معمول بڻائي وٺو. ان سان گڏوگڏ هفتيوار سُنَّتن ڀري اجتِماع، هفتيوار اجتماعي طور تي ڏنو ويندڙ ”مدني مذاڪري“ ۾ پاڻ بہ شرڪت ڪريو ۽ ٻين تائين بہ ان جي دعوت پهچائيندا



www.dawateislami.net

رهو، **دعوتِ اسلامي** جي هر دلعزيز، 100 فيصد اسلامي چينل ”**مَدَني چينل**“ پاڻ بہ ڏسندا رهو ۽ ٻين کي بہ ڏسڻ جي ترغيب ڏياريندا رهو. جيڪڏهن اِنهن مدني ڪمن ۾ مُستقل مزاجي سان شرڪت ۽ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ اِستقامت نصيب ٿي وئي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رَسُول صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وڌيڪ محبت پيدا ٿيندي، صحابہ ۽ اولياء جو مُبارڪ فيضان جاري ۽ ساري ٿي ويندو، گناهن کان دِل بيزار ٿيندي ۽ فِڪرِ آخِرت سان گڏوگڏ سُنّتن جي مُطابِق زِندگي گذارڻ جو بہ ذِهن بڻجندو. اِنۡ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ

ہمیں عالِموں اور بُزرگوں کے آداب سِکھاتا ہے ہر دَم سَدا مَدَنی ماحول
یہاں سُنّتیں سیکھنے کو ملیں گی دِلائے گا خوفِ خُدا مَدَنی ماحول

(وسائلِ بخشش، ص:۶۴۷)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## هر عمل جو نتيجو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان دُنيا ۾ جيڪو بہ عَمَل ڪندا رهون، اُن جا نتيجا بہ اسان جي سامهون ايندا رهندا آهن. جيڪڏهن عَمَل نيڪ هوندو تہ ان جو نتيجو بہ چڱو هوندو ۽ جيڪڏهن عَمَل بُرو هوندو تہ يقينًا اُن جو نتيجو بہ بُرو ئي سامهون ايندو. ڇو جو ڪوڙ بُري عملن سان تَعلُّق رکندو آهي، تہ ان جا نَتيجا بہ بُرا ئي نڪرندا آهن. گهڻو ڪري ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ بظاهر فائدو مَحسُوس ٿي رهيو هوندو آهي، پر اَنجام آخرڪار بُرو ئي ٿيندو آهي، جيڪڏهن دُنيا ۾ بُرو نتيجو سامهون نہ بہ اچي، تڏهن بہ قبر ۽



www.dawateislami.net

آخِرت ۾ اِن جي سبب ضَرور پَڪڙ ٿي سگھي ٿي.اچو تہ! اَحاديثِ مُبارَڪہ ۾ بَيان ڪيل ڪوڙ جون مُختلف تباھ ڪاريون پڙھون ٿا .

## ڪوڙ جا ڀيانڪ نَتيجا:

✵ جڏھن ٻانھو ڪوڙ ڳالھائيندو آھي، ان جي بَدبُو کان فِرِشتو ھڪ مِيل پَري ٿي ويندو آھي. (ترمذی، باب ماجاء في الصدق والكذب، الحدیث:۱۹۷۹، ۳/۳۹۲) ✵ ڪوڙ ڳالھائڻ، سڀ کان وڏي خِيانت آھي. (سنن ابي داود، كتاب الادب، باب في المعاریض، الحدیث:۴۹۷۱، ۴/۳۸۱) ✵ ڪوڙ ايمان جو مُخالِف آھي. (المسند للامام احمد بن حنبل، مسند ابي بکر الصدیق، الحدیث:۱۶، ۱/۲۲) ✵ ماڻھن کي کِلائڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالھائڻ واري جي لاءِ ھَلاڪت آھي. (سنن الترمذي،كتاب الزھد، باب ماجاء من تكلم بالكلمة ليضحك الناس، الحديث:۲۳۲۲، ۴/۱۴۲) ✵ ماڻھن کي کِلائڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالھائڻ وارو جھنَّم جي ايتري گِھرائي ۾ ڪِرندو آھي جيڪو (فاصلو) آسمان ۽ زمين جي درمياني فاصلي کان بہ وڌيڪ آھي. (شعب الايمان، باب في حفظ اللسان، الحديث:۴۸۳۲، ۴/۲۱۳) ✵ ڪوڙ ڳالھائڻ سان مُنھن ڪارو ٿي ويندوآھي. (شعب الايمان، باب في حفظ اللسان، الحديث:۴۸۱۳، ۴/۲۰۸) ✵ ڪوڙي ڳالھ چوڻ ڪبيره گُناھ آھي. (المعجم الكبير،الحديث:۲۹۳، ۱۸/۱۴۰ ملخصاً) ✵ ڪوڙ ڳالھائڻ مُنافِق جي عَلامتن مان ھڪ نِشاني آھي. (صحيح مسلم، كتاب الايمان، باب خصال المنافق ، الحديث:۱۰۶،ص:۵۰) ✵ ڪوڙ ڳالھائڻ وارا قِيامت جي ڏينھن، اللہ عَزَّوَجَلَّ جي ويجھو سڀ کان وڌيڪ ناپسنديده ماڻھن ۾ شامِل ھوندا. (كنز العمال،الحديث:۴۴۰۳۷، ۱۶/۳۹)

میں فالتو باتوں سے رہوں دُور ہمیشہ
چُپ رہنے کا اللہ سَلیقہ تُو سکھا دے!
میں جُھوٹ نہ بولوں کبھی گالی نہ نِکالوں!
اللہ مَرَض سے تُو گُناہوں کے شِفا دے!
(وسائلِ بخشش، ص۱۱۵)



www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ ڪوڙ آخِرت جي لاءِ ڪيتري نُقصانڪار شيءِ آهي. تنهنڪري عَقلمند اهو ئي آهي جيڪو ڪوڙ کان جان ڇڏائي هميشہ سچ ڳالهائيندو رهي. سچ ڳالهائڻ سان اِنسان نہ صِرف ڪوڙ جي اِن وَعِيدن کان بچي سگهي ٿو بلڪ سچ ڳالهائڻ جي فائدن سان بہ مالامال ٿيندو. جيئن تہ

## سچ ڳالهائڻ جا ڏھ (10) فائدا:

حڪيمُ الامّت، مُفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: (1) جيڪو شَخص سچ ڳالهائڻ جو عادي ٿي وڃي، اللهُ عَزَّوَجَلَّ اُن کي نيڪوڪار بڻائي ڇڏيندو. (2) ان جي عادت سُنن ڪمن جي ٿي ويندي. (3) اُن جي بَرَڪت سان اهو مرڻ وَقت تائين نيڪ رهندو. (4) بُرائين کان بچندو. (5) جيڪو اللهُ عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو صِدّيق ٿي ويندو ان جو خاتِمو چڱو ٿيندو. (6) اهو هر قسم جي عَذاب کان مَحفُوظ رهندو. (7)هر قسم جو ثواب ماڻيندو. (8) دُنيا بہ اُن کي سچّو چوڻ، چڱو سمجهڻ لڳندي آهي. (9) اُن جي عزّت ماڻهن جي دِلين ۾ ويهي رهندي آهي. (مرآة المناجيح، ج۶/۴۵۲) (10) سچ هڪ اهڙو نُور آهي جيڪو سچ ڳالهائڻ وارن جي دلين جي هدايت جو سبب بڻجندو آهي، جيتري قَدَر اُنهن کي پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جو قُرب حا صِل هوندو آهي، اوتري قدر ئي انهن کي اهو نُور حاصِل ٿيندو ويندو آهي.

(تفسير روح البيان، پ۲۲، الاحزاب، تحت الاية:۳۵، ۷/۱۷۵)



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو ته سچ ڳالهائڻ وارا خُوش نصيب ماڻهو ڪهڙن ڪهڙن عَظِيمُ الشّان فَضيلتن ۽ دُنيا ۽ آخِرت جي اِنعامن سان سَرفَراز ٿيندا آهن، تنهن جي ڪري جيڪڏهن اسان به انهن اِنعامن ۽ فَضيلتن جي حُصُول جا خواهِشمند آهيون ته اسان کي به پاڻ کي سچ جو عادي بڻائڻو پوندو. واقعي جتي سچ ڳالهائڻ جون اُخروي فَضيلتون ۽ بَرڪتون حاصِل ٿينديون آهن، اُتي گهڻو ڪري وڏين وڏين دُنيوي پريشانين کان به نَجات مِلي ويندي آهي، اِنهيءَ متعلق هڪ نهايت اِيمان افروز حِڪايت ٻڌو ۽ سچ ڳالهائڻ کي پنهنجي گُفتار جو اهم ترين حصو بڻائڻ جي پُختَه نِيّت ڪري وٺو.

## سچو ٻڪرار

حضرت نافع رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا: حضرت عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا پنهنجي ڪجهه ساٿين سان گڏ هڪ سفر ۾ هئا، واٽ تي هڪ جڳهه تي ترسيا ۽ کائڻ جي لاءِ دسترخوان وڇايو ويو، ايتري ۾ هڪ ٻڪرار (يعني ٻڪريون چارڻ وارو) اتي آيو پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جن فرمايو اچو! دسترخوان مان ڪجهه کائو، عرض ڪيائين: منهنجو روزو آهي، حضرت عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا جن فرمايو: ڇا توهان انهيءَ سخت گرمي جي ڏينهن ۾ (نفل) روزو رکيو آهي ۽ توهان ته جبل تي ٻڪريون به چاري رهيا آهيو، ان چيو: الله جو قسم! مان اهو انهيءِ لاءِ ڪري رهيو آهيان جو زندگي جي گذريل ڏينهن جي تلافي (يعني بدلو ادا) ڪري وٺان، پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جن ان جي پرهيزگاري جو امتحان وٺڻ جي ارادي سان فرمايائون: ڇا توهان پنهنجي ٻڪرين مان اسان کي هڪ ٻڪري وڪڻندؤ؟ ان جي قيمت ۽ گوشت توهان کي به ڏينداسين ته جيئن توهان انهي سان روزو افطار پڻ ڪري سگهو، ان جواب ڏنو: اهي ٻڪريون منهنجون نه آهن، منهنجي مالڪ جون آهن، پاڻ رَضِيَ



www.dawateislami.net

اللّٰه تَعَالٰی عَنْهُ جن ان کي آزمائڻ جي لاءِ فرمايو: مالڪ کي چئجو ته انهن مان هڪ ٻگهڙ (Wolf) ڪڍي ويو، غلام چيو: ته پوءِ اللّٰه ڪٿي آهي؟ (يعني اللّٰه ته ڏسي رهيو آهي، اهو حقيقت کي ڄاڻي ٿو ۽ انهيءَ سبب منهنجي پڪڙ ڪندو) جڏهن پاڻ رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْهُ مديني واپس موٽيا ته ان جي مالڪ کان غلام ۽ سموريون ٻڪريون خريد ڪيون پوءِ ٻڪرار کي آزاد ڪري ڇڏيو ۽ ٻڪريون به ان کي تحفي ۾ ڏئي ڇڏيون. (شُعَبُ الْاِیمان:۴/۳۲۹،حدیث:۵۲۹۱، مُلَخَّصاً ، ازڪوڙو چور 14)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ سچ ڳالهائڻ سان نه صرف هن دنيا ۾ بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون آهن بلڪ ٻانهو ڪوڙ جهڙي گناهه ۾ مبتلا ٿيڻ کان به بچي ويندو آهي. تنهنڪري هميشه سچ ڳالهائڻ جي عادت ٺاهيو ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ جي عادت کان جان ڇڏايو! ڪهڙي ئي مشڪل هجي، وڏي کان وڏي مصيبت اچي وڃي، هرگز هرگز ڪوڙ جو سهارو نه وٺو ۽ سچ تي مضبوطي سان قائم رهو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دين ۽ دنيا جون ڀلايون نصيب ٿينديون.

## سچ ڳالهائڻ سان جان بچي ويئي

منقول آهي ته حَجّاج بِن يُوسُف هڪڙي ڏينهن ڪجهه قيدين کي قتل ڪرائي رهيو هو، هڪ قيدي اُٿي ڪري چوڻ لڳو: اي امير! منهنجو توتي هڪڙو حق آهي. حجاج پڇيو: اُهو ڪهڙو؟ چوڻ لڳو: هڪ ڏينهن فُلان شخص توکي بُرو ڀلو چئي رهيو هو ته مون تنهنجو دِفاع (يعني بچاءُ) ڪيو هو. حجاج چيو: ان جو گواهه ڪير آهي؟ اُن شخص چيو: آئون اللّٰه تعالٰي جو



www.dawateislami.net

واسطو ڏئي ڪري چوان ٿو ته جنهن اها ڳالهه ٻولهه ٻُڌي هئي اُهو گواهي ڏي، هڪ ٻئي قيديءَ اُٿي ڪري چيو: ها اِهو واقعو منهنجي سامهون پيش آيو هو، حجاج چيو: پهرين قيدي کي آزاد ڪري ڇڏيو، پوءِ گواهي ڏيڻ واري کان پڇيو: توکي ڪهڙي رڪاوٽ هئي جو تو اُن قيدي وانگر منهنجو دفاع (يعني بچاءُ) نه ڪيو؟ اُن سچائي کان ڪم وٺندي چيو: رڪاوٽ اِها هئي جو منهنجي دل ۾ تنهنجي پراڻي دشمني هئي، حجاج چيو: هِن کي به آزاد ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ ته هِن وڏي همت سان سچ ڳالهايو آهي.

(وَفياتُ الاَعْيان لابن خلكان:۲۸/۲،ازڪوڙو چور 17)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته سچ ڳالهائڻ وارو هميشه ڪامياب ٿيندو آهي جو ته "سانچ کو آنچ نهين" يعني سچ ڳالهائڻ واري کي ڪو خطرو ناهي، اهو سراسر فائدي ۾ ئي آهي. پر افسوس! صد افسوس! اڄ اسان جي معاشري ۾ ڪوڙ هڪ وبائي مرض جي صورت اختيار ڪري ويو آهي. مرد هجي يا عورت، ننڍو هجي يا وڏو، امير هجي يا غريب، وزير هجي يا ان جو مشير، آفيسر هجي يا چوڪيدار، الغرض! معاشري جو تقريبًا هر فرد ان مرض جو مريض نظر اچي ٿو. بدقسمتي سان اڄڪلهه اهڙن موقعن تي ڪوڙ جو سهارو ورتو ويندو آهي، جتي سچ ڳالهائڻ جي صورت ۾ به ڪو دُنيوي نقصان ناهي هوندو.

## ٻارن سان ڪوڙ ڳالهائڻ:

هن صُورت هيءَ به آهي ته والِدَين جو پنهنجي ننڍي عُمر واري ٻار سان ڪوڙ ڳالهائڻ. عام طور تي ڏٺو ويو آهي ته والِدَين ننڍن ٻارن کان پنهنجي ڳالهه مَڃرائڻ جي لاءِ ڪيترن ئي قِسمن جا ڪوڙ ڳالهائيندا آهن. جيئن



www.dawateislami.net

هيڏانهن اچ پُٽ! شيء وٺ، پوءِ هلي وڃجان، (جڏهن ته ڪجھ ڏيڻو ئي ناهي هوندو) يا ننڍڙي ٻار کي ٻهلائڻ جي لاءِ هي چوڻ، ته پُٽ چُپ ٿي وڃ، اسان توکي رانديڪا آڻي ڏينداسين. (جڏهن ته اهڙو اِرادو ئي ناهي هوندو) اهڙي طرح ڳالهه نه مڃڻ تي ان کي ڊيڄارڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻ، جيئن هن طرح چوڻ ته جلدي سُمهه نه ته ٻلي يا ڪتو اچي ويندو وغيره وغيره. ياد رکو! هن طرح جا تمام جُملا ڪوڙ ۾ شامل آهن ۽ چوڻ وارو جتي خود ڪوڙ جي سَبَب سَخت گنهگار ٿي رهيو هوندو آهي، اُتي اِن ڪوڙي جُملن سان ٻار جي اَخلاقي تَرِبيت تي به وڏو اَثر پوندو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ اهو ننڍپڻ کان ئي سچ ٻُڌڻ ۽ سچ ڳالهائڻ کان مَحروم ٿي ڪري ڪوڙ ٻُڌڻ ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ جو عادي بڻجي ويندو آهي. اهڙي ماحول ۾ پَروَرِش  حاصل ڪرڻ وارو ٻار جيئن ئي ٿورو سمجهدار ٿيندو آهي، ڳالھ ڳالھ تي ڪوڙ ڳالهائڻ لڳندو آهي، تنهنڪري اسان کي پنهنجي ٻارن سان به ڪوڙ نه ڳالهائڻ گهرجي.

حضرتِ سَيِّدُناعبدالله بن عامِر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي: مُصطَفٰي جانِ رَحمت، شمعِ بزمِ هدايت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان جي مَڪان ۾ تشريف فرما ٿيا. منهنجي ماءُ مون کي گهُرايو ته اچ! تو کي ڪا شيء ڏيندس. حُضُور (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جن فرمايو: ڪهڙي شيء ڏيڻ جو اِرادو آهي؟ اُنهن عَرض ڪيو: ڳجور ڏيندس. اِرشاد فرمايو: جيڪڏهن تون ڪجھ نه ڏين ها ته تنهنجي ذِمّي ڪوڙ لِکيو وڃي ها. (سُنَنِ ابوداوٗد:۴/۳۸۷،حديث ۴۹۹۱)

سچّی بات سِکھاتے یہ ہیں    سیدھی راہ چلاتے یہ ہیں
اپنی بنی ہم آپ بگاڑیں    کون بنائے بناتے یہ ہیں



www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي ڳالهه بخُوبي معلوم ٿي وئي تہ ٻارن سان بہ ڪوڙ ڳالهائڻ جي شرعًا اِجازت ناهي، تنهنڪري اچ ٽائين جنهن هن طرح ڪيو هجي اُن کي فورًا سچّي توبه ڪرڻ گهرجي ۽ هميشہ سچ جي عادت اپنائڻ گهرجي. پاڻ بہ ڪوڙ کان بچو ۽ پنهنجي اَولاد کي بہ ان بُري عادت کان بچائڻ جو سامان ڪريو. ان جي لاءِ شيخِ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي ، حضرتِ علّامه مَولانا ابُو بلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوي ضِيائي دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ جو 32 صفحن تي مشتمل رِسالو ”ڪوڙو چور“ جو پاڻ بہ مُطالَعو ڪريو ۽ پنهنجي ٻارن کي بہ هي رِسالو پڙهڻ جي تَرغِيب ڏياريو. اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ ڪوڙ ڳالهائڻ جي عادت نڪري ويندي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪوڙا لقب لڳائڻ:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان وٽ ڪجهه اهڙا اِصطِلاح آهن، جيڪي ڪنهن خاص مَنصب يا خاص ڊگري (Degree) تي دَلالت ڪن ٿا، پر ڌوکي، فريب ۽ تمام گهڻو ڪوڙ ڳالهائڻ جي سبب ان اِصطِلاحن کي اهڙا ماڻهو بہ اِستِعمال ڪندي نظر ايندا آهن، جن جو انهن ڊگرين ۽عُهدن سان پَري پَري تائين بہ تَعَلُّق ناهي هوندو، جيڪڏهن ڪجهه تَعَلُّق ۽ نِسبَت ٿي بہ وڃي تڏهن بہ اهي اَفراد ان اِصطِلاحن کي اِستِعمال ڪرڻ جا مَجاز ناهن هوندا. عام طور تي اهي ماڻهو جو جن کي دوائن جي ٿوري گهڻي معلومات ٿي وڃي،



www.dawateislami.net

جيڪي بطور ڊسپنسَر (Dispenser)، يا ڪنهن ڪلينڪ (Clinic) ۾ بطور هيلپر (Helper يعني مُعاوِن) جو ڪم ڪري چڪا هجن تہ اهي بہ پنهنجي پاڻ کي نہ صرف ”ڈاڪٽر(Doctor)“ سڏرائيندي نظر ايندا آهن بلڪ پنهنجي لاءِ ”ڈاڪٽر“ جو لَفظ سڏرائڻ پسند بہ ڪندا آهن، جڏهن تہ ”ڈاڪٽر“ جو لَفظ هڪ خاص ڊگري جي نِشاندهي ڪري ٿو ۽ ان کي اهو شَخص اِستِعمال ڪري سگهي ٿو جيڪو ان جو اَهل بہ هجي. اِن کان عِلاوہ ڪنهن ٻئي شخص جو ان لفظ کي اِسۡتِعۡمال ڪرڻ قانونًا جُرم ۽ شَرعًا ڪوڙ چيو ويندو. اِهڙي طرح ڪجھ ماڻهن کي جڏهن ڪجھ جڙي ٻوٽين جي معلومات ٿي وڃي يا عِلمِ طِب جا ڪجھ نُسخا معلوم ٿي وڃن تہ اهي بہ پنهنجي نالي سان گڏ ”حڪيم صاحب“ سڏرائڻ ۽ لکرائڻ ۾ وڏو فخر محسوس ڪندا آهن. جڏهن تہ هي سَراسَر ڪوڙ ۽ ڏوڪو آهي. اهڙي طرح ڪوڙ جو بازار ايتري قَدر گرم آهي جو ڪجھ علم کان خالي ماڻهو بہ عُلَماء جي صَف ۾ ويهڻ کان پاسو نہ ٿا ڪن. اسان وٽ لفظِ ”مولانا“ دِين جو علم رکڻ واري جي لاءِ ڳالهايو ويندو آهي، پر ڏٺو ويو آهي تہ بلڪل جاهِل ماڻهو بہ صرف انهي لفظ کي نہ بلڪ ان کان وڌائي ڪري **”عَلّامَہ وفَهّامَہ“** (تمام گهڻو علم رکڻ وارو، وڏي سمجھ رکڻ وارو) وغيره جهڙا لفظ پنهنجي لاءِ اِستِعمال ڪرڻ ۾ ٿورو بہ عار محسوس ناهن ڪندا. جڏهن تہ ايئن ڪرڻ سَراسَر ڪوڙ ۽ سخت وبال آهي.

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## غير سَيد جو سادات بڻجڻ



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي مُعاشَري ۾ ملندڙ باطِني بيمارين مان هڪ تمام ئي خَطَرناڪ بيماري ”حُبِّ جاهه“ به آهي،جنهن جو مطلب آهي شُهرت ۽ عزّت جي خواهش ڪرڻ. (نيڪي جي دعوت ص 87) ۽ اها خواهش هر فساد جي جڙ آهي. اڪثر ڪري هي دِين کي به تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيندي آهي، تنهن جي ڪري اِن کان بچڻ تمام ضَروري آهي. هڪ مُسَلمان جي لاءِ تاجدارِمدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هي فرمانِ عِبرت نِشان ئي ڪافي آهي: ته ٻه بکايل بگهڙ ٻڪرين جي ڌڻ ۾ ايتري تباهي ناهن مچائيندا جيتري تباهي حبِ جاهه (يعني مال و دولت ۽ عزت ۽ شهرت جي محبت) مسلمان جي دين ۾ مچائيندي آهي. (ترمذی، کتاب الزہد، باب ماجاء فی اخذ المال، ۱۶۶/۴، حدیث۲۳۸۳) بَيان ڪيل حديثِ پاڪ مان مَعلُوم ٿيو ته حُبِّ جاهه ۾ هلاڪت ئي هلاڪت آهي. ان ناپاڪ بيماري جي آفَتن جي سَبَب حضرتِ سَيِّدُنا ابُونَصر بِشرحافي مَروَزِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: آئون ڪنهن اهڙي شَخص کي نٿو سڃاڻان جيڪو پنهنجي شُهرت چاهيندو هجي ۽ ان جو دِين تَباهه و برباد ۽ اهو پاڻ ذَليل ۽ خوار نه ٿيو هجي. (احیاء العلوم، کتاب ذم الجاہ و الریاء، بیان ذم الشہرۃ۔۔۔الخ، ۳۴۰/۳)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اندازو لڳايو ته پنهنجي شُهرت ۽ عزّت جي خَواهش ڪرڻ ڪيترو خَطَرناڪ مَرَض آهي. اهڙي مَرَض جو شڪار ڪجهه اهڙا به ماڻهو به ٿيندا آهن جيڪي ماڻهن کان عزّت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪوڙ جو سَهارو وٺندي پنهنجي ذات تبديل ڪندي دير نه ڪندا آهن. برِّصغير پاڪستان ۽ هِندستان ۾ ”سَيِّد“ جو لفظ اهڙي ماڻهن جي لاءِ ڳالهايو ويندو آهي، جن جو سِلسِلهء نَسَب پنهنجي والد جي طرف کان حُضُورِ اَنور، شافعِ مَحشر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان وڃي ملندو هجي. اسان وٽ عزت، شهرت ۽ قَدَر و مَنزِ لَت کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪجهه غير سَيِّد ماڻهو به پنهنجو پاڻ کي



www.dawateislami.net

”سادات“ سڏرائيندا آهن، جڏهن ته هي ڳالهه حَقِيقَت جي بلڪل برعڪس هوندي آهي.

ياد رهي! پنهنجي حَقِيقي پيءُ کي ڇڏي ڪري ڪنهن ٻئي کي پنهنجو پيءُ ڪرڻ يا پنهنجي خاندان ۽ نَسَب کي ڇڏي ڪري ڪنهن ٻئي خاندان سان پنهنجو نَسَب جوڙڻ حَرام ۽ جَنَّت کان مَحروم ڪري دوزخ ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي . ان باري ۾ وڏي سَخت وعيدون حديثن ۾ آيون آهن. جيئن ته

**حضرتِ عبدُاللّٰه بن عَمْروٌ** رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا **کان مَروِي آهي: رَسُولُ اللّٰه** صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته جيڪو شَخص پنهنجي پيءُ (کي ڇڏي) غَير کي پنهنجو پيءُ بنائڻ جو دعويٰ ڪري، اهو جَنَّت جي خُوشبو به نه سنگهي سگهندو، جڏهن ته جَنَّت جي خُوشبُو پنج سو (500) سال جي راهه کان سنگهي ويندي. (الترغيب والترهيب،كتاب النكاح ،الترهيب أن ينتسب...الخ، ٣/٥٢، الحديث:٥)

**ٻنهي جهانن جي سُلطان، سَروَرِ ذيشان، محبوبِ رَحمٰن** صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نِشان آهي: جيڪو پنهنجي پيءُ (کي ڇڏي) غَير کي پنهنجو پيءُ بنائڻ جي دَعويٰ ڪري، جڏهن ته اهو ڄاڻي ٿو ته اهو ان جو پيءُ ناهي، ته ان تي جنَّت حَرام آهي. (بُخارِی، ۴/ ۳۲۶،حديث:۶۷۶۶)

**شيخِ طريقت، اَمِيرِاهلسنت، حضرت علّامہ مَولانا ابُوبلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: **منا منا اسلامي ڀائرو! هتي اُهي** ماڻهو به عبرت حاصل ڪن جيڪي هنج ورتل ٻار جي دل رکڻ جي لاءِ اُن تي پنهنجو پاڻ کي حقيقي پيءُ ظاهر ڪن ٿا ۽ اُهو به ويچارو سڄي زندگي ان ئي کي پنهنجو حقيقي پيءُ سمجهي ٿو، پنهنجي اصلي پيءُ کي ايصالِ



www.dawateislami.net

ثواب ۽ ان جي لاءِ دعا ڪرڻ ڪان بہ محروم رهي ٿو. ياد رکو! ضروري ڪاغذات، شناختي ڪارڊ، پاسپورٽ ۽ شادي ڪارڊ وغيره ۾ بہ حقيقي پيءُ جي جڳهہ زباني چيل پيءُ جو نالو لکرائڻ حرام ۽ جهنّم ۾ وني وڃڻ وارو ڪم آهي. طلاق شده يا بيوهہ عورتون بہ پنهنجي پهرين گهر جي ٻارن ڪي انهن جي حقيقي پيءُ جي باري ۾ بيخبر رکي (يعني لِڪائي) آخرت جي بربادي جو سامان نہ ڪن. عام گفتگو ۾ ڪنهن کي بابا جان چئي ڇڏڻ ۾ ڪو حرج ناهي جڏهن تہ سيني ڪي خبر هجي تہ اتي "جسماني رشتو" مراد ناهي. ها جيڪڏهن اهڙي "بابا جان" ڪي بہ ڪنهن سڱو پيءُ ظاهر ڪيو تہ گنهگار ۽ جهنّم جي عذاب جو حقدار آهي. شيخ الحديث حضرت مولانا عبدالمصطفيٰ اعظمي عَلَيهِ رَحمَۃُ اللہِ القوي فرمائن ٿا: اڄڪلهہ بيشمار ماڻهو پنهنجو پاڻ کي صديقي، فاروقي، عثماني ۽ سيّد چوڻ لڳا آهن! انهن کي سوچڻ گهرجي تہ اهي ماڻهو ايئن ڪري ڪيتري وڏي گناهہ جي دَلدَل ۾ ڦاٿل آهن. خداوند ڪريم عَزَّوَجَلَّ انهن ماڻهن کي صراطِ مستقيم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ ان حرام ۽ جهنّمي ڪم کان انهن ماڻهن کي توبهہ جي توفيق عطا فرمائي. (آمين) (جہنم کے خطرات ص 182)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مذاق ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ڪوڙ اسان جي مُعاشَري ۾ هڪ وائرس (جراثيم) وانگر ڦهلجي رهيو آهي. شايد ئي اسان جي ڪا بيٺڪ يعني مَجلِس ڪوڙ کان مَحفُوظ هجي، خُصُوصًا مذاق ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ تہ تمام عام آهي، کِل مسخري جي لاءِ مَحفِل سجائڻ ۽ پوءِ ان کي



www.dawateislami.net

رنگ ڏيڻ جي لاءِ ڪوڙا لطيفا، ڪوڙيون ڪهاڻيون ۽ڪوڙا قصّا ٻُڌائي ڪري ماڻهن کي کِلائڻ، اهڙي طرح موبائل فون جي ذريعي افواهون اُڏائڻ، سوشَل مِيڊيا (Social Media) جي ذريعي ڪنهن جي طرف ڪوڙي ڳالهه مَنسُوب ڪري ڦهلائڻ چڻ تہ مَعيوب ئي ناهي سمجهو ويندو، جڏهن تہ اِنهن سيني ڳالهين ۾ شَيطان جي خُوشي ۽ پنهنجي آخِرت جي بربادي آهي. ڪوڙ جي مُرَوَّجَہ صُورتن مان هڪ بي خَطَرناڪ صُورت ڪورٽ (عدالت) ۾ ڪوڙي گواهي ڏيڻ بہ آهي. ڪوڙ جي هي صُورت يعني ڪورٽ (عدالت) ۾ ڪوڙي گواهي ڏيڻ سڀ کان خَطَرناڪ آهي، ڇو جو اِن سان ماڻهن جي حقن ۽ عزّت ۽ آبرو کي نُقصان پهچندو آهي ۽ ان سان مُعاشَرتي نِظام ۾ خَلَل واقِع ٿيندو آهي.

رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: ڪوڙي گواهي، الله عَزَّوَجَلَّ سان شِرڪ جي برابر آهي. (سنن الترمذی ،ابواب الشهادات،باب ماجاء فی شهادة الزور،۴/۱۳۳) اهڙي طرح ڪوڙا قسمَ کائڻ بہ اِنتهائي بُري خَصلَت آهي، اسان وٽ ڪوڙا قَسمَ کائي ترقّي حاصل ڪرڻ کي وڏو ڪارنامو سمجهيو ويندو آهي ۽ جيڪو ڪوڙ کان پاسو ڪندي هميشہ سچ ڳالهائڻ جو عادي هجي، اُن کي بيوقوف، ڪم عَقل،نادان۽ اَحمَق سمجهيو ويندو آهي ۽ گهڻو ڪري سچ کي تَرقّي جي راهہ ۾ رڪاوٽ تَصَوُّر ڪيو ويندو آهي. اهو ئي سبب آهي تہ گهڻو ڪري مَذمُوم مَقصدن جي لاءِ ڪوڙا قَسَم کڻڻ کان بہ شرم محسوس ناهي ڪيو ويندو. جڏهن تہ هي بہ گُناهِ ڪبيره آهي. اچو تہ! ڪوڙا قَسمَ کڻڻ جي مُتَعلِّق بہ (2) فَرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻُڌون ٿا:



www.dawateislami.net

1. ڪبيره گُناھ ٽي (3) آھن، شرڪ، والدين جي نافرماني، ڪوڙو قَسَم ۽ ڪنهن کي قَتل ڪرڻ. (بخارى ، كتاب الايمان والنذور ، ۲۹۵/۴، الحديث: ۶۶۷۵)

2. جيڪو پنهنجي قَسَم جي ذريعي ڪنهن مُسَلمان جو حق کسي، تہ الله عَزَّوَجَلَّ اُن تي جهنّم کي واجِب ۽ جَنّت کي حَرام ڪري ڇڏيندو. ”صحابۂ ڪرام (عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان) عَرض ڪيو: يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جيڪڏھن اها معمولي شيء هجي تہ؟ فرمايو: چاھي لُوبان ئي هجي.

(مسلم ، كتاب الايمان ، رقم الحديث:۱۳۷، ص:۸۲)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ مني مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪوڙا قسمَ کڻي ٻين جو مال ڦٻائڻ واري جي لاءِ جهنَّم ۾ داخلي جي وَعِيد ٻڌائي آهي. بَيان ڪيل صُورتن کان عِلاوه بہ ٻين ڪيترن ئي صُورتن ۾ ڪوڙ ڳالهايو ويندو آهي. جيئن ڪوڙيون تَعريفون ڪرڻ، ڪوڙا خَواب ٻڌائڻ، ڪوڙي وَڪالت ڪرڻ، ڪوڙا واعدا ڪرڻ، ڪوڙيون خَبَرون ڦهلائڻ، پهرين اپريل تي ڪوڙ ڳالهائي ڪري اپريل فُول ملهائڻ، اَلغَرَض! بيشُمار صُورَتن ۾ ڪوڙ هڪ ناسُور (يعني هميشہ رهڻ واري زخم) وانگر اسان جي مُعاشَري ۾ ڦهلجي رهيو آهي. ڪوڙ ۽ ان جهڙين ٻين ظاهِري ۽ باطِني بيمارين کان بچڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، زَبان کي غير ضَروري ڳالهين کان بچائڻ جي لاءِ زَبان جو قُفلِ مدينہ لڳايو، هر هفتي مَدَني مُذاڪري ۽ سُنَّتن ڀري اِجتِماع ۾ شِرڪت کي پنهنجو معمول بڻائي وٺو، مَدَني انعامات تي عَمَل ۽ عاشِقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽن (3) ڏينهن جي مَدَني قافلي ۾ سَفَر ڪريو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دُنيا ۽ آخِرت جون بي شمار ڀلايون نَصِيب ٿينديون.



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! ڪوڙ ناجائز ۽ گناهه آهي، پر ڪجهه صورتون اهڙيون بہ آهن جن ۾ ڪنهن غرضِ صحيح ۽ ضرورت جي پيشِ نظر شريعت ڪوڙ ڳالهائڻ جي اجازت بہ ڏني آهي ۽ ان ۾ گناهہ ناهي البتہ ٭جنهن چڱي مقصد کي سچ ڳالهائي حاصل ڪري سگهجي ۽ ڪوڙ ڳالهائي ڪري بہ، تہ اُن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻ حرام آهي ٭جيڪڏهن چڱو مقصد ڪوڙ جي ذريعي حاصل ڪري سگهجي ۽ سچ ڳالهائڻ ۾ حاصل نہ ٿيندو هجي تہ هاڻي ڪجهه صورتن ۾ ڪوڙ بہ جائز بلڪ ڪجهه صورتن ۾ واجب آهي، جيئن (1) ڪنهن بيگناهه کي ظالم شخص قتل ڪرڻ چاهي يا اِيذاء ڏيڻ چاهي ۽ اهو ان جي ڊپ کان لڪيل آهي، ظالم شخص ڪنهن کان پڇيو اهو ڪٿي آهي؟ تہ جيڪڏهن ان کي خبر بہ هجي تہ چوي مون کي معلوم ناهي (2) يا ڪنهن جي امانت ان وٽ آهي، ڪو ان کان ګسڻ جي لاءِ پڇي تہ امانت ڪٿي آهي؟ هي انڪار ڪري سگهي ٿو تہ مون وٽ ان جي امانت ناهي. ("ردالمحتار"،كتاب الحظر والإباحة، فصل فی البيع،ج۹، ص۷۰۵) (3) اهڙي طرح ٻن مسلمانن ۾ اِختلاف آهي ۽ هي انهن ٻنهي ۾ صُلح ڪرائڻ چاهي ٿو، تہ هڪ جي سامهون هي چئي ڇڏي تہ اهو تو کي سٺو سمجهي ٿو، تنهنجي تعريف ڪندو آهي يا ان توکي سلام چيو آهي ۽ ٻئي

جي سامهون بہ هن طرح جون ڳالهيون ڪري تہ جيئن ٻنهي ۾ عداوت گهٽ ٿي وڃي ۽ صلح ٿي وڃي. (4) گهرواريءَ کي خوش ڪرڻ جي لاءِ ڪا ڳالهہ خلافِ واقع چئي ڇڏي (تہ بہ ڪوڙ ناهي).

("الفتاوى الهندية"،كتاب الكراهية، الباب السابع عشر في الغناء،ج۵،ص۳۵۲).



www.dawateislami.net

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب!　صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بَيان جو خلاصو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان ڪوڙ جي تباهه ڪارين جي مُتَعلِّق ٻُڌو، يقينًا ڪوڙ سيني بُرائين جي جَڙ آهي، جيڪڏهن ڪو ڪوڙ کان بچڻ جو پُختَو اِرادو ڪري تہ سچ ڳالهائڻ جي بَرَڪت سان بين ڪيترن ئي گناهن کان بہ بچي سگهي ٿو. ڪوڙو شَخص آخِرت ۾ تہ خوار ٿيندو ئي، پر جيڪڏهن ڪوڙ تان دُنيا ۾ ان جو پردو هٽي ويو تہ بہ اهڙو شَخص ذَلِيل ۽ خوار ٿيندو آهي. ڪوڙ ڳالهائڻ واري کان فِرشتو هڪ مِيل پري هليو ويندو آهي ۽ اهو الله عَزَّوَجَلَّ جو ناپسنديده ٻانهو بڻجي ويندو آهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ بين گناهن سان گڏوگڏ "ڪوڙ" جي خِلاف اِعلانِ جنگ ڪندي تمام گناهن کان بچڻ جي ڪوشش جاري رکون. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي عَمَل ڪرڻ جي توفِيق عَطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب!　صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مجلِس وُڪلاء و ججز جو تعارف:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! وَڪالت اسان جي مُعاشَري جو اَهَم تَرِين شُعبو آهي، تبليغِ قُرآن و سُنَّت جي عالمگير غير سِياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جتي تقريباً 97 شُعبن ۾ دِينِ اسلام جو پَيغام عام ڪري رهي آهي، اُتي "وَڪالت" سان مُنسَلِڪ ماڻهن جي اِصلاح جي لاءِ "مَجلِسِ وُڪلا و ججز"



www.dawateislami.net

جي ذريعي نيڪي جي دَعوت ڦهلائي رهي آهي ۽ انهن کي **دعوتِ اسلامي** جي مَدَني ماحول سان وابسته ڪندي، ان مَدَني مَقصَد ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ “ جي مُطابِق زِندگي گُذارڻ ۽ فڪرِ آخِرت ڪرڻ جو مَدَني ذِهن بہ بڻائي رهي آهي .

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں

اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو

## ٻارنهن مَدَني ڪمن مان هڪ مدني ڪم مدني قافلو بہ آهي !

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سُنّتن جي خِدمت جي لاءِ ذيلي حلقي جي ٻارنهن مَدَني ڪمن ۾ اڳتي وڌي ڪري حصو وٺو. ذيلي حلقي جا 12 مَدَني ڪم مُسَلمانن کي راهِ سنّت تي هلائڻ ۽ عاشِقانِ رسول ۾ سُنّتن جون مدني بهارون عام ڪرڻ ۾ وڏا مددگار آهن. ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن مان ماهانہ هڪ مَدَني ڪم هر مهيني ٽي (3) ڏينهن جي ”مَدَني قافلي ۾ سفر ڪرڻ“ بہ آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مَدَني قافلي ۾ عاشِقانِ رسول جي صُحبَت جي بَرَڪت سان جتي علمِ دين سکڻ، علمِ دِين سان مالا مال ڪتاب ۽ رسالا پڙهڻ مُيسَّر ايندا آهن، اُتي ماڻهن کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ بُرائين کان مَنع ڪرڻ جو ثَواب بہ هٿ ايندو آهي. ياد رکو! اسان جي نيڪي جي دعوت سان جيڪڏهن ڪو هڪ اسلامي ڀاءُ بہ سُنّتن جو پيڪر ۽ نمازي بڻجي ويو، تہ اُن کي اُن نيڪ عملن جو ثَواب تہ ملندو ئي، گڏوگڏ اسان جي نامہءِ اعمال ۾ بہ ثَواب لکيو ويندو.



www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي : نيڪي جي طرف رَهنُمائي ڪرڻ وارو بہ نيڪي ڪرڻ واري جيان آهي. (سُنَنُ التِّرمِذی،ج ۴،ص ۳۰۵،حديث۲۶۷۹) توهان بہ هر مهيني ٽن (3) ڏينهن جي مَدَني قافلي ۾ سَفَر ڪرڻ جي نِيّت فرمائي وٺو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ بي شمار ڀلايون نصيب ٿينديون. اچوتہ! ترغيب جي لاءِ مدني قافلي جي مَدَني بهار ٻڌون:

## مَدَني بهار:

هڪ اسلامي ڀاءُ جي بَيان جو خُلاصو آهي: **دعوتِ اسلامي** جي مُشڪبار مَدَني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهرِيان آئون گناهن واري ماحول ۾ ڦاٿل هئس، مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ روزانو شراب پيئڻ، ماءُ پيءُ کي سَتائڻ ۽ نمازون قَضا ڪرڻ منهنجو مَشغلو هو، پوءِ هڪ ڏينهن منهنجو ياٽيجو مون کي **دعوتِ اسلامي** جي مَدَني قافلي ۾ سفر جي دعوت پيش ڪئي، پهرِيان تہ آئون ٽال مٽول کان ڪم وٺندو رهيس، پر اُن هِمّت نہ هاري ۽ مون تي اِنفرادي ڪوشش جاري رکي ۽ آخرڪار مون ماهِ محرم الحرام ۾ شهيدانِ ڪربلا رِضْوَانُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن جي ايصالِ ثواب جي نيّت سان مَدَني قافلي ۾ سَفَر اِختِيار ڪري ورتو، دورانِ مَدَني قافلا نيڪي جي دعوت ۽ سُنّتن ڀريا بيانات ٻُڌڻ ۽ باني دعوتِ اسلامي حضرت علاّمه مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رَضَوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي مختلف مَوضُوعن تي مُشتَمِل رسالن جو مُطالَعو ڪرڻ جو مَوقَعو مِليو، اِنهن بَيانن ۽ پُرتاثير تَحرير جو مون گناهگار تي اهڙو اَثر ٿيو جو منهنجي دل ۾ مَدَني اِنقِلاب برپا ٿي ويو. اَلغَرَض! مَدَني قافلي جي بَرَڪت سان مون کي پنهنجي سابقہ (گذريل) گناهن ڀري زِندگي تي نَدامت ٿيڻ لڳي، منهنجو مٿو شَرم کان جهڪي ويو ۽ مون پنهنجي



www.dawateislami.net

تمام ڪيل گناهن کان بالخُصُوص شراب نوشي کان سچي تَوبَه ڪئي، نمازن جي پابندي ۽ ماءُ پيءُ جي فرمانبرداري جوعَزمِ مُصَمَّم ڪري ورتو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مَدَني قافلي جي بَرَڪت سان مون مٿي تي سبز سبز عِمامي شريف جو تاج سجائي ورتو ۽ هڪ مُٺ ڏاڙهي شريف رکڻ جي بہ نيّت ڪري ورتي ۽ هاڻي هڪ مسجد ۾ مُؤذِن جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهيان.

## ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جون سُنتون ۽ آداب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مشکوٰة ج 1 ص 55 حديث 175)

سینہ تیری سنت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو تہ **دعوتِ اسلامي** جي شايع ٿيل رسالي "101 مدني گُل" مان ڳالهہ ٻولهہ جي حوالي سان ڪجھ اهم مَدَ ني گُل ٻُڌون: ﴿1﴾ مسڪرائي ۽ خوش اخلاقيءَ سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ سنّت آهي ﴿2﴾ مسلمانن جي دلجوئي جي نيّت سان ننڍن سان شفقت وارو ۽ وڏن سان ادب وارو



www.dawateislami.net

لهجو اختيار ڪيو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ثواب حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ ٻنهي وٽ توهان معزز رهندؤ ﴿3﴾ وڏي آواز سان ڳالهائڻ جيئن اڄڪلهه دوست پاڻ ۾ بي تڪلفي سان ڳالهائيندا آهن، اهو سنّت نه آهي ﴿4﴾ ڪٽي هڪ ڏينهن جو ٻار هجي سنين سنين نيتن سان ان سان به اوهان توهان سان گفتگو ڪرڻ جي عادت بڻايو، اوهان جا اخلاق به اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ عُمدا ٿيندا ۽ ٻار به ادب سکندو ﴿5﴾ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ وقت پردي جي جاءِ تي هٿ لڳائڻ، آڱرين سان بدن تان مير لاهڻ، ٻين جي سامهون بار بار نڪ کي هٿ لڳائڻ، يا نڪ يا ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ٿُڪ اڇلائڻ سني ڳالهه ناهي، ان سان ٻين کي ڪراهت محسوس ٿيندي آهي ﴿6﴾ جيستائين ٻيو ڳالهائي رهيو هجي ته اطمينان سان ٻُڌو، ان جي ڳالهه ڪٽي پنهنجي ڳالهه شروع ڪرڻ سنّت ناهي ﴿7﴾ ڪنهن سان ڳالهه ٻولهه ڪجي ته ان جو ڪو صحيح مقصد به هئڻ گهرجي ۽ هميشه مخاطب جي ظرف ۽ ان جي نفسيات جي مطابق ڳالهه ڪئي وڃي ﴿8﴾ بدزباني ۽ بي حيائي جي ڳالهين کان هر وقت پرهيز ڪريو، گارگند کان بچندا رهو ۽ ياد رکو ته ڪنهن مسلمان کي بنا اجازتِ شرعي گار ڏيڻ حرامِ قطعي آهي. (فتاوي رضويه، ج 21 ص 127) ۽ بي حيائي جي ڳالهه ڪرڻ واري تي جنّت حرام آهي. تاجدار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”اُن شخص تي جنّت حرام آهي جيڪو فُحش گوئي (بي حيائي جي ڳالهه) کان ڪم وٺي ٿو.“ (ڪتاب الصمت مع موسوعه الامام ابن ابي الدنيا ج 7 ص 204، رقم 325)

هزارين سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جا شايع ٿيل به ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن



www.dawateislami.net

پريو سفر آهي.

عاشقانِ رسول، آئیں سنت کے پھول
دینے لینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### (2) سمورا گُناهہ مُعاف

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا



www.dawateislami.net

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناھ معاف ڪيا ويندا.[1]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[2]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْکِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَیْہِ رَحمَۃُ اللہِ الھَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[2]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[3]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149



www.dawateislami.net

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنه جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَاللهُ تَعَالٰى عَنهم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[1]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

[1]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[2]... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١



www.dawateislami.net

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [1]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] … مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کیفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net